# اي الله!

## مان حاضر آهيان

**09-June-2022**



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

09 جون، 2022 تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# اي اللہ! مان حاضر آهيان

هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ...

✿... لَبَّيۡكَ اَللّٰهُمَّ لَبَّيۡك پڙهڻ تي بيهوش ٿيڻ جو واقعو

✿... حاجي ۽ ربَّ جي محبّت جو عملي اظهار

✿... ميدانِ محشر ۾ لَبَّيۡكَ اَللّٰهُمَّ لَبَّيۡك جي ڌوم ڌام

✿... عملي طور ربَّ جي بارگاھ ۾ مٿو جهڪائڻ جون برڪتون

✿... مچيون سونَ جون سُيون ڪٺي حاضر ٿيون

پيشڪش

**مجلس اَلمَدِينَةُ العِلمِيہ** (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَیۡتُ سُنَّتَ الۡاِعۡتِکَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درود شريف جي فضيلت

ابو طلحہ انصاري رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ فرمائن ٿا: هڪ ڀيري صبح جي وقت الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي نور واري چهري تي خوشيءَ جا آثار هئا، صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنۡہُم جن ان جو سبب پڇيو تہ فرمايائون: الله پاڪ پيغام موڪليو آهي: اي محبوب صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ! توهان جو امّتي توهان تي هڪ ڀيرو دُرود پڙهندو، مان ان جي لاءِ 10 نيڪيون لکندس، ان جا 10 گناهہ مٽائيندُس، 10 درجات بلند فرمائيندس ۽ ايتري ئي رحمت موڪليندس.[1]

اُن پر درود جن کو کس رہے کساں کہیں
اُن پر سَلام جن کو خَبَر بے خَبَر کی ہے[2]

**وضاحت:** هو اسان جا آقا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن ڪي بي سهارن جو سهارو ٿيو وڃي ٿو، جيڪي هر بي خبر جي خبر رکڻ وارا آهن، انهن تي دُرود ۽ سلام هجن.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

1مُسْنَد اَحْمد، جلد:5، صفحہ:509، حديث:16352

2حدائقِ بخشش، صفحہ:209

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

**پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!** ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نِيّتون ڪري ونون ثيون. **فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِه" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.[1] لهٰذا پنهنجي حسبِ حال سنيون سنيون نيتون ڪري ونون ٿيون! مثال طور نيت ڪريو! ۞ عِلْم دين سکنديس ۞ سڄو بيان ٻڌنديس ۞ اَدب سان ويهندس ۞ تَوَجّهه سان ٻُڌنديس ۞ پنهنجي اصلاح جي لاءِ بيان ٻڌنديس ۞ جيڪو ٻُڌنديس ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪنديس. اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم!

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## لَبَّيْكَ اَللّٰهُمَّ لَبَّيْكَ پڙهڻ تي بي هوش ٿيڻ جو واقعو

حضرت علي اَوْسط امام زين العابدين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ مصطفٰي جي شهزادي، شهيدِ ڪربلاءِ امام عالي مقام، حضرت امام حسين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جا شهزاده آهن. تمام گهڻا متقي پرهيزگار، تقوٰي وارا، ۽ خوف خدا رکڻ واري شخصيت هئا.

(خوفِ خدا ٻن قسمن جو (هوندو) آهي: (1): اهو خوفِ خدا جيڪو اسان جهڙن گناهگارن کي ٿيندو آهي، يعني الله پاڪ جي عذاب جو خوف، الله پاڪ جي پڪڙ جو خوف، ته ڪٿي اسان جي گناهن جي ڪري پڪڙ نه ٿي وڃي. (2): جڏهن ته اولياءِ ڪرام، الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن کي جيڪو خوف ٿيندو آهي. اهو الله پاڪ جي خفيه تدبير جو خوف آهي، الله پاڪ جي ويجهڙائپ (قُرب) کان پري هئڻ جو خوف آهي ته ڪٿي ايئن نه ٿئي جو الله پاڪ جي ويجهڙائپ جي جيڪا نعمت اسان کي نصيب آهي، الله نه ڪري هيءَ نعمت اسان کان واپس نه ورتي وڃي.)

حضرت امام زين العابدين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو خوفِ خدا ٻئي قسم جو هو، هڪ ڀيري پاڻ حج جي لاءِ احرام ٻڌو، ته احرام ٻڌندي ئي سندن چهرو مبارڪ ڦڪو ٿي

[1] المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942

ويو، خوفِ خدا جي غلبي جي سبب تَلبِيہ (يعني لَبَّيْكَ اَللّٰھُمَّ لَبَّيْكَ) نہ پڙهي سگهيا. ماڻهن عرض ڪيو: عالي جاهہ! توهان تَلبيہ (يعني لَبَّيْكَ اَللّٰھُمَّ لَبَّيْكَ) ڇو نہ ٿا پڙهو؟ فرمايائون: مونکي ڊپ آهي تہ جڏهن مان لَبَّيْكَ اَللّٰھُمَّ لَبَّيْكَ پڙهان تہ لَالَبَّيْكَ نہ فرمايو وڃي، يعني الله پاڪ جي بارگاهہ مان هي جواب نہ اچي وڃي تہ تنهنجو حاضر ٿيڻ قبول ناهي. ماڻهن عرض ڪيو: عالي جاهہ! احرام ٻڌي ڪري تَلبيہ(يعني لَبَّيْكَ اَللّٰھُمَّ لَبَّيْكَ) پڙهڻ ضروري آهي. هاڻي حضرت امام زين العابدين رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جن شرعي حڪم تي عمل ڪرڻ جي لاءِ پڙهڻ شروع ڪيو: لَبَّيْكَ اَللّٰھُمَّ لَبَّيْكَ...

هي پڙهيو ئي هو تہ خوفِ خدا غالب اچي ويو ۽ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ بيهوش ٿي ڪري زمين تي تشريف ڪٺي آيا. حج جي دوران سندن جي اها ئي ڪيفيت رهي، منٰي ۾، عرفات ۾، صفا مروه تي جڏهن بہ پاڻ لَبَّيْكَ اَللّٰھُمَّ لَبَّيْكَ پڙهندا هئا تہ سندن تي بيهوشي طاري ٿي ويندي هئي.[1]

محبت میں اپنی گما یاالٰہی!
نہ پاؤں میں اپنا پتا یاالٰہی!
مرے اشک بہتے رہیں کاش ہر دم
ترے خوف سے یاخدا یاالٰہی!
ترے خوف سے ترے ڈر سے ہمیشہ
میں تھر تھر رہوں کانپتا یاالٰہی![2]

امام زين العابدين رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ تي الله پاڪ جون ڪروڙين رحمتون نازل ٿين ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ.

اعلٰي حضرت شاهہ امام احمد رضا خان رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ امام زين العابدين رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي خدمت ۾ استغاثو پيش ڪندي عرض ڪن ٿا:

اے تُرا زَیْن اَزْ عبادت وزِ تُو زَیْن عابداں
بہرِ ایں بے زینت اَزْ زَیْن و صَفا امداد کن[1]

---

1 تاريخ الاسلام، حرف العين ، جلد:3،صفحہ:182۔
2 وسائلِ بخشش،صفحہ:105

وضاحت: اي اها ذات جيڪا عبادت جي نور سان منوَّر آهي، ۽ اي اها ذات! جنهن جي برڪت سان عبادت گذارن کي زينت ملي آهي، مون بي زينت (يعني گناهگار) جي مدد فرمايو!

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دل حج تي اچڻ جي لاءِ ڏاڍو چاهي ٿي.....!!

اي عاشقانِ رسول! حج جا ڏهاڙا ويجهو اچي رهيا آهن، قافلا حرم ڏي وڃڻ جي لاءِ تيار آهن، جن خوش نصيبن جو نالو هن سال جي حاجين جي فهرست ۾ اچي چڪو آهي، اهي زور ۽ شور سان، شوق ۽ محبت سان تيارين ۾ مصروف هوندا، احرام ورتا ويندا هوندا، ضروري سامان پيڪ ڪيو ويندو هوندو، ڪجهه ئي ڏينهن ۾ قافلا حرم ڏانهن وڃڻ شروع ٿي ويندا، ڪاش اسان بي ڪسَن، گناهگارن کي به هيءَ سعادت ملي، اسان به حج ڪريون، صفا مروه جي سَعي ڪريون، ميدانِ عرفات ۾ قيام هجي، منٰي ۾ قرباني ڪريون، حجرهءِ اسوَد کي جهومي جهومي ڪري چمڻ جي توفيق نصيب ٿي وڃي ۽ ڪاش صد ڪروڙ ڪاش! جهومي جهومي ڪري ڪعبہ شريف جي چؤطرف ديوانن وانگر چڪر لڳائڻ (يعني طواف ڪرڻ) جي سعادت ملي وڃي. اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَهۡ **الله** پاڪ جي بارگاهہ ۾ دعا ڪن ٿا:

| | |
|---|---|
| بڑا حج پہ آنے کو جی چاہتا ہے | بُلاوا اب آ ئیگا کب یاالٰہی! |
| میں مکّے میں آؤں مدینے میں آؤں | بنا کوئی ایسا سَبب یاالٰہی![2] |

## حاجي ۽ ربّ جي محبّت جو عملي اظهار

پيارا اسلامي ڀائرو! ٿورو غور ڪرڻ جي ڳالهہ آهي! هي ڪيڏو خوبصورت

---

1 حدائقِ بخشش،صفحہ:328

2 وسائلِ بخشش، صفحہ:107

www.dawateislami.net

منظر آهي جو الله پاڪ جو ٻانهو، جنهن کي الله پاڪ خلقيو، جنهن کي الله پاڪ ساهه عطا ڪيو، زندگي عطا ڪئي، طاقت عطا ڪئي، اهو ٻانهو احرام ٻڌي ڪري الله پاڪ جي حڪم تي عمل ڪندي، مڪي ۾ پهچندو آهي، لَبَّيْكَ اَللّٰهُمَّ لَبَّيْكَ (مان حاضر آهيان، اي الله! مان حاضر آهيان) جون صدائون هڻندو آهي ۽ عملي طور هي اقرار ڪري رهيو هوندو آهي ته اي الله! مان تنهنجو ئي ٻانهو آهيان، تون ئي منهنجو ربّ آهين، اي الله پاڪ! مان تنهنجي پاڪ بارگاهه ۾ حاضر آهيان، اي ربّ رحمٰن ۽ رحيم! تو مونکي ڪعبي جي چؤطرف طواف ڪرڻ جو حڪم ڏنو مان طواف ڪرڻ جي لاءِ حاضر آهيان، اي ربّ ڪريم! تو مونکي ميدانِ عرفات ۾ قيام جو حڪم ڏنو، مان پنهنجو گهر ٻار ڇڏي ڪري، پري ڪان سفر ڪري، گرمي ۽ سخت اُس جي پرواهه ڪرڻ بنا ميدانِ عرفات ۾ حاضر ٿي ويو آهيان.

مطلب ته هي ڪيڏو خوبصورت ۽ عشق ڀريو انداز آهي، هن ۾ محبتِ اِلٰهيءَ جي اهڙي ته جهلڪ پاتي وڃي ٿي جو ٻانهو پنهنجي ربّ جي بارگاهه ۾ عرض ڪندو آهي: لَبَّيْكَ اَللّٰهُمَّ لَبَّيْكَ (مان حاضر آهيان، اي الله! مان حاضر آهيان).

| | |
|---|---|
| میں مکّے میں پھر آگیا یاالٰہی! | مجھے بخش دے بے سبب یاالٰہی! [1] |

## تَلبيه جي فضائلن تي 3 حديثون

(1) اسان جي آقا ۽ مولا مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: مَا مِنْ مُلَبٍّ يُلَبِّي إِلَّا لَبَّى مَا عَنْ يَمِينِهِ وَعَنْ شِمَالِهِ مِنْ شَجَرٍ وَّحَجَرٍ حَتَّى تَنْقَطِعَ الْأَرْضُ هَاهُنَا وَهَاهُنَا يعني جڏهن تَلْبِيه (يعني لَبَّيْكَ اَللّٰهُمَّ لَبَّيْكَ) پڙهڻ وارو تَلْبيه پڙهندو آهي ته ان سان گڏ ان جي ساڄي (*Right*) ۽ کاٻي (*Left*) پاسي زمين جي آخري ڪناري تائين جيترا وڻ آهن جيترا پٿر آهن اهي سڀئي تَلْبيه پڙهندا آهن.[2] (2): هڪ حديث پاڪ ۾ آهي:

---

1 وسائلِ بخشش، صفحه:107

2 صحيح ابنِ خزيمه ،ڪتاب المناسک ،باب ذکر تلبية الاشجار ،صفحه:601 ،حديث:2634

اسان جي آقا ۽ مولا مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: مَنْ اَضْحٰى يَوْماً مُحْرِماً مُلَبِّياً حَتّٰى غَرَبَتِ الشَّمْسُ غَرَبَتْ بِذُنُوبِهِ فَعَادَ كَمَا وَلَدَتْهُ أُمُّهُ يعني جنهن ان حال ۾ صبح ڪئي جو ان ڪي احرام ٻڌل هو، تَلبيہ پڙهي رهيو هو (۽ سڄو ڏينهن انهي حال ۾ رهيو) ايستائين جو سج لهي ويو، تہ هي جيڪو سج لٿو آهي، هي ان جي گناهن کي گڏ ڪٺي ڪري لٿو آهي، هاڻي هي ٻانهو ايئن ٿي ويندو جيئن ان جي ماءُ ان کي ڄڻيو هو.[1] (3): رسولِ رحمت، شفيعِ امّت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: 3 آواز اهڙا آهن جن تي الله پاڪ فرشتن جي سامهون فخر فرمائيندو آهي: (1): اذان جو آواز (2): راهِ خدا ۾ تڪبير (يعني الله اڪبر) چوڻ جو آواز ۽ (3): تَلْبِيہ پڙهڻ جو تيز آواز[2].

| | |
|---|---|
| تم اِحْرام میں خوب لَبَّیْك پڑھنا | ثواب اس میں لَارَیْب (بے شک) حد سے سوا ہے[3] |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ميدانِ محشر ۾ لَبَّيْكَ اَللّٰهُمَّ لَبَّيْك جي ڌوم ڌام

حضرت وَهْب بن مُنَبِّہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: تورات شريف (جيڪو آسماني ڪتاب آهي، حضرت موسٰي عَلَيْہِ السّلام تي نازل ٿيو، ان ڪتاب) ۾ لکيل آهي: الله پاڪ قيامت جي ڏينهن 7 لک مُقرَّب ملائڪن کي سون جا زنجيرَ عطا فرمائيندو ۽ حڪم ڏيندو تہ هنن زنجيرن سان ڪعبي شريف کي ميدانِ محشر ۾ ڪٺي اچو! ملائڪ ويندا، انهن سونَ جي زنجيرن سان ڪعبي شريف کي ٻڌندا، پوءِ هڪ ملائڪ پڪاري چوندو: اي ڪعبہ! هل...!! ڪعبو شريف چوندو: مان نہ هلندُس جيستائين منهنجو سوال پورو نہ ٿي وڃي. آسمان جي فضا مان هڪ ملائڪ پڪاريندو: اي ڪعبہ! سوال ڪر تنهنجو سوال پورو ڪيو ويندو. هاڻي ڪعبو

1 جامع صغير ،صفحہ:515 ،حديث:8461
2 جامع صغير ،صفحہ:211 ،حديث:3492
3 وسائلِ بخشش،صفحہ:454

شريف الله پاڪ جي بارگاهه ۾ عرض ڪندو: اي الله پاڪ! منهنجي پاڙي ۾ دفن ٿيڻ وارن مؤمنن جي حق ۾ منهنجي شفاعت قبول فرماءِ. آواز ايندو: مون تنهنجي درخواست قبول فرمائي ورتي (يعني تنهنجي پاڙي ۾ جيڪي مؤمن دفن آهن انهن سڀني جي حق ۾ تنهنجي شفاعت قبول ڪئي وئي آهي.) بهرحال مڪهءِ مڪرمه ۾ جيترا مؤمن دفن آهن، انهن سڀني کي اٿاريو ويندو، انهن جا چهرا اڇا ۽ چمڪندڙ هوندا، اهي سڀ احرام جي حالت ۾ ڪعبي جي ويجهو جمع ٿي ويندا ۽ انهن سڀني جي زبان تي هڪ ئي ڪلمو هوندو: لَبَّيْكَ اَللّٰهُمَّ لَبَّيْكَ (مان حاضر آهيان، اي الله! مان حاضر آهيان).

هاڻي ملائڪ ڪعبي شريف کي چوندا: اي ڪعبه! هاڻي هل...!! هاڻي ته تنهنجو سوال پورو ٿي چڪو. ڪعبو شريف چوندو: مان نه هلندُس جيستائين منهنجي درخواست قبول نه ٿي وڃي. آسمان جي فضا مان هڪ ملائڪ پڪاري چوندو: اي ڪعبه! تون گُهر توکي ڏنو ويندو. ڪعبو شريف چوندو: اي الله پاڪ! تنهنجا گناهگار ٻانها جيڪي پري، پري کان مٽيءَ ۾ لٿڙيل مون وٽ آيا، انهن پنهنجا گهر ٻار، عزيز رشتيدار ڇڏيا، فرمانبرداري ڪئي ۽ تنهنجي حڪم تي عمل ڪندي، منهنجي زيارت جي شوق ۾ آيا ۽ حج ڪيائون، اي ربِّ ڪريم! مان توکان سوال ٿو ڪيان ته انهن حاجين جي حق ۾ به منهنجي شفاعت قبول فرماءِ، انهن کي قيامت جي گهٻراهٽ کان امن عطا فرماءِ ۽ انهن کي منهنجي ويجهو جمع فرماءِ. هاڻي ملائڪ اعلان ڪندو: جنهن ڪعبي جي زيارت ڪئي هئي، اهي ٻين ماڻهن کان الگ ٿي وڃن. هي اعلان ٻڌي ڪري اهلِ محشر مان اهي تمام ماڻهو جيڪي ڪعبي جي زيارت سان مشرف ٿيا هوندا، جنهن حج يا عمري جي سعادت حاصل ڪئي هوندي، اهي سڀئي الگ ٿي ڪري ڪعبي شريف جي چؤطرف جمع ٿي ويندا، انهن جا چهرا اڇا هوندا ۽ جهنّم کان بي خوف ٿي ڪري ڪعبي شريف جو طواف ڪري رهيا هوندا، انهن جي زبان تي هڪ ئي ڪلمو هوندو: لَبَّيْكَ اَللّٰهُمَّ لَبَّيْكَ (مان حاضر آهيان، اي الله! مان حاضر آهيان). پوءِ ملائڪ پڪاريندو: اي ڪعبه! هاڻي ته تنهنجو سوال پورو ٿي ويو هاڻي ته هل...!

هاڻي ڪعبو شريف به تَلْبيه پڙهندو، (يعني ڪعبو شريف به چوندو: لَبَّيْك اَللّٰهُمَّ لَبَّيْك (مان حاضر آهيان، اي الله! مان حاضر آهيان)، پوءِ ڪعبي شريف کي هن شان سان ميدانِ محشر ۾ آندو ويندو جو دنيا ۾ ڪعبي جي زيارت ڪرڻ وارا ان جي چؤطرف طواف ڪري رهيا هوندا ۽ سيني جي زبانن تي هي ڪلما هوندا: لَبَّيْك اَللّٰهُمَّ لَبَّيْك (مان حاضر آهيان، اي الله! مان حاضر آهيان).[1]

| | |
|---|---|
| حج کا شَرَف ہو پھر عطا یاربِّ مصطفٰے | میٹھا مدینہ پھر دِکھا یاربِّ مصطفٰے |
| دیدے طوافِ خانۂ کعبہ کا پھر شَرَف | فرمایہ پورا مُدّعا یاربِّ مصطفٰے[2] |

اي عاشقانِ رسول! غور فرمايو! لَبَّيْكَ اَللّٰهُمَّ لَبَّيْكَ پڙهڻ جي ڪيڏي برڪت آهي، ميدانِ محشر...! 50 هزار سالن جو ڏينهن، ٽامي جي تتل زمين، سوا ميل تي رهي ڪري باھ وسائيندڙ سج، جهنّم سامهون، جنت سامهون، پل صراط لڳائي ويندي، قهر سامهون هوندو، عملَ توريا ويندا، ان وقت ڪعبي شريف جي زيارت ڪرڻ وارا، خانهءِ ڪعبه جي طواف جو شرف ماڻڻ وارا، لَبَّيْكَ اَللّٰهُمَّ لَبَّيْكَ جون صدائون هڻڻ وارا، قيامت جي ڏينهن ميدانِ محشر ۾ هن شان سان ايندا جو ڪعبو شريف انهن سان گڏ هوندو، هي خوش نصيب ڪعبي جي طواف ۾ مصروف هوندا ۽ جهومي جهومي ڪري لَبَّيْكَ اَللّٰهُمَّ لَبَّيْكَ جون صدائون لڳائي رهيا هوندا.

| | |
|---|---|
| دیدے طوافِ خانۂ کعبہ کا پھر شَرَف | فرمایہ پورا مُدّعا یاربِّ مصطفٰے[3] |

الله ڪريم اسان کي به ڪعبه شريف جي زيارت ڪرڻ جي توفيق عطا فرماءِ، اسان کي به حج جي سعادت نصيب ٿئي، عمرو ڪرڻ، صَفا مروه جي سَعي ڪرڻ، منٰي ۽ عرفات ۾ رڪجڻ جي توفيق نصيب ٿئي، ڪاش! اسان به جهومي

1 الروض الفائق ،صفحه:48
2 وسائلِ بخشش،صفحه:129
3 وسائلِ بخشش،صفحه:129

جهومي ڪري لَبَّيْكَ اَللّٰهُمَّ لَبَّيْكَ جون صدائون لڳايون الله پاڪ اسان کي توفيق نصيب فرماءِ. آمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ.

## هر نماز کان پهريان لَبَّيْكَ اَللّٰهُمَّ لَبَّيْكَ پڙهندا...!

عام طور تَلْبيہ (يعني لَبَّيْكَ اَللّٰهُمَّ لَبَّيْكَ) احرام ٻڌي ڪري ئي پڙهي ويندي آهي، پر جيڪڏهن اسان ان جي معنيٰ تي غور ڪريون تہ هن لحاظ سان هڪ مسلمان جي زندگيءَ جو هڪ لمحو بہ ايئن ناهي، جيڪو ان سان جدا ٿي ڪري گذري سگهي، مسلمان جي معنيٰ ئي هيءَ آهي: الله ۽ ان جي رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي حڪم تي مٿو جهڪائڻ وارو، تنهنڪري مسلمان جي زندگيءَ جو هڪ هڪ لمحو انهيءَ تصور سان، انهيءَ يقين سان ۽ انهيءَ شوق سان ۽ جذبي سان گذرڻ گهرجي جو ان جي دل مان، ان جي دماغ مان، ان جي زبان مان، ان جي پوري جسم مان، ان جي هڪ هڪ فعل مان، ان جي هڪ هڪ سوچ مان، هڪ هڪ خيال مان، هي آواز پيدا ٿي رهيو هجي: لَبَّيْك اَللّٰهُمَّ لَبَّيْك (مان حاضر آهيان، اي الله! مان حاضر آهيان). اسان جي آقا ۽ مولا محمد مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو مبارڪ انداز هو، رات جو جڏهن نماز پڙهندا هئا (يعني رات جا نفلَ ادا فرمائيندا هئا) تہ نماز شروع ڪرڻ کان پهريان چوندا هئا: لَبَّيْك اَللّٰهُمَّ لَبَّيْك (مان حاضر آهيان، اي الله! مان حاضر آهيان). ۽ ڪجهہ روايتن جي مطابق هر فرض نماز کان پهريان پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پڙهندا هئا: لَبَّيْك اَللّٰهُمَّ لَبَّيْك (مان حاضر آهيان، اي الله! مان حاضر آهيان).[1]

## هر صبح جو لَبَّيْك اَللّٰهُمَّ لَبَّيْك چئو...!!

نهايت پيارا صحابي، حضرت زيد بن ثابت رَضِيَ اللهُ عَنْهُ رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن انهن کي هڪ پيري هڪ دعا سيکاري ۽ هي حڪم ڏنائون تہ پاڻ بہ ۽ پنهنجي گهر وارن کي بہ پابنديءَ سان روزانو هيءَ دعا پڙهائيندو

1 شرح حديث لبيک اللهم لبيک ،صفحہ:25

ڪري، اها دعا ڪهڙي آهي؟ ارشاد فرمايائون: قُلْ حِيْنَ تُصْبِحُ يعني اي زيد! صبح جي وقت هي چوندو ڪر! لَبَّيْكَ اَللّٰهُمَّ لَبَّيْكَ وَسَعْدَيْكَ وَالْخَيْرُ فِي يَدَيْكَ يعني مان حاضر آهيان، اي الله! مان حاضر آهيان، توڪان سعادت جو سوال ڪريان ٿو، تمام ڀلايون تنهنجي دستِ قدرت ۾ آهن.[1]

ڏسو! پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن هر روز لَبَّيْكَ اَللّٰهُمَّ لَبَّيْكَ پڙهڻ جي ترغيب ارشاد فرمائي.

معلوم ٿيو لَبَّيْكَ اَللّٰهُمَّ لَبَّيْكَ پڙهڻ صرف حج ۽ عمري سان خاص ناهي، بلڪ ٻانهي کي گهرجي ته روزانو محبتِ الٰهيءَ ۾ ڀرپور ٿي ڪري پنهنجي ربّ رَحمٰن ۽ رحيم جي بارگاهه ۾ عرض ڪري: لَبَّيْكَ اَللّٰهُمَّ لَبَّيْكَ مان حاضر آهيان، اي الله! مان حاضر آهيان،

## لَبَّيْكَ اَللّٰهُمَّ لَبَّيْكَ جي معنٰي

حضرت علامه ابن رَجَبْ حنبلي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن حديث پاڪ جي تحت فرمائن ٿا: هي جيڪو جملو آهي: لَبَّيْكَ اَللّٰهُمَّ لَبَّيْكَ مان حاضر آهيان، اي الله! مان حاضر آهيان، هن ۾ لفظ لَبَّيْكَ ٻه ڀيرا آيو آهي ۽ عربيءَ جو قاعدو آهي ته جڏهن لفظ تڪرار سان آندو وڃي، يعني هڪ لفظ ٻه ڀيرا پڙهيو وڃي ته ان ۾ تڪرار جي معنٰي پيدا ٿي ويندي آهي، مطلب هي ته جڏهن ٻانهو چوندو آهي: لَبَّيْكَ اَللّٰهُمَّ لَبَّيْكَ ته هن جي معنٰي صرف هيءَ ناهي هوندي ته اي الله! مان هڪ ڀيرو حاضر آهيان يا صرف اڄ حاضر آهيان بلڪ ان جي معنٰي آهي: اي الله پاڪ! جڏهن جڏهن تنهنجو حڪم ٿئي، تڏهن تڏهن مان حاضر آهيان، هميشه حاضر آهيان، ڪنهن هڪ وقت ٻه مان تنهنجي حڪم کان پوئتي نه هٽندُس.[2]

---

1 مسندِ احمد ،مسند الانصار ،جلد:9 ، صفحه:26 ،حديث:22290

2 شرح حديث لبيک اللهم لبيک،صفحه:23۔

علامہ ابن رَجَبْ حنبلي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وڏيک فرمائن ٿا: جڏهن ٻانهو روزانو صبح جي وقت هي چئي: لَبَّيْكَ اَللّٰهُمَّ لَبَّيْكَ (مان حاضر آهيان، اي الله! مان حاضر آهيان) تہ ان جو مطلب هي ٿيندو: اي الله پاڪ! مون صبح هن حال ۾ ڪئي آهي جو مان تنهنجي دعوت کي قبول ڪرڻ وارو آهيان، تو جنهن ڳالھ جو حڪم ڏنو مان ان تي عمل ڪرڻ وارو آهيان، تو جنهن ڳالھ کان منع فرمايو مان ان کان رڪجڻ وارو آهيان، مان تنهنجي اطاعت تي قائم آهيان، تنهنجي حڪم جي طرف جلدي ڪرڻ وارو آهيان. بس جڏهن ٻانهو پنهنجي زبان سان هيءُ چوندو، تہ هاڻي ان تي لازم آهي تہ پنهنجي عمل سان هن جي مطابق هلي تہ جيئن ان جي زبان ۽ ان جو ڪردار هڪ جهڙو ٿي وڃي.[1]

| مجھے اپنی رحمت سے تُو اپنا کرلے | سوا تیرے سب سے کنارا کروں میں[2] |
|---|---|

## الله پاڪ جا احڪام ۽ مؤمن ٻانهي جو ردِّ عمل

اي عاشقانِ رسول! هاڻي غور ڪريو...! سرورِ عالَم، نورِ مجسّم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن اسان کي تعليم ڏني تہ روزانو ٻانهو پنهنجي ربَّ جي بارگاھ ۾ شوق ۽ ذوق سان اقرار ڪري: (يعني اي الله! مان تنهنجي هر هر حڪم تي مٿو جهڪايان ٿو)، اسان غور ڪريون! الله پاڪ اسان کي ڪنهن ڪنهن ڳالھ جو حڪم ڏنو آهي؟ ربّ فرمائي ٿو:

| اَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ ( سيپارو:1،سورة بقرة:43) | ترجمو ڪنزالعرفان: نماز قائم ڪيو |
|---|---|

هاڻي اسان کي ڇا چوڻو آهي؟ لَبَّيْكَ اَللّٰهُمَّ لَبَّيْكَ مان حاضر آهيان، اي الله مان حاضر آهيان.

الله پاڪ فرمائي ٿو:

| اٰتُوا الزَّكٰوةَ (سيپارو:1،سورة بقرة:43) | ترجمو ڪنز العرفان: زڪوٰة ادا ڪريو |
|---|---|

1 شرح حديثِ لبيک اللهم لبيک،صفحہ:26
2 سامانِ بخشش، صفحہ:150

اسان کي ڇا چوڻو آهي؟ لَبَّيْكَ اَللّٰهُمَّ لَبَّيْكَ يعني مان حاضر آهيان، اي اللہ مان حاضر آهيان.

ربَّ فرمايو:

| | |
|---|---|
| كُتِبَ عَلَيْكُمُ الصِّيَامُ<br>(سيپارو:2،سورة بقرة:183) | ترجمو ڪنز العرفان: توهان تي روزا فرض ڪيا ويا |

اسان کي ڇا چوڻو آهي؟ لَبَّيْكَ اَللّٰهُمَّ لَبَّيْكَ يعني مان حاضر آهيان، اي اللہ مان حاضر آهيان.

ربّ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| اُدْخُلُوْا فِي السِّلْمِ كَآفَّةً<br>(سيپارو: 2، سورة بقرة: 208) | ترجمو ڪنز العرفان: اسلام ۾ پورا پورا داخل ٿي وڃو |

بانهي کي ڇا چوڻو آهي؟ لَبَّيْكَ اَللّٰهُمَّ لَبَّيْكَ مان حاضر آهيان، اي اللہ مان حاضر آهيان.

ربّ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| اَنْفِقُوْا مِمَّا رَزَقْنٰكُمْ<br>(سيپارو: 3، سورة بقرة: 254) | ترجمو ڪنز العرفان: اسان جي ڏنل رزق مان خرچ ڪريو |

بانهي کي ڇا چوڻو آهي؟ لَبَّيْكَ اَللّٰهُمَّ لَبَّيْكَ مان حاضر آهيان، اي اللہ مان حاضر آهيان.

| | |
|---|---|
| اِتَّقُوا اللّٰهَ حَقَّ تُقٰتِهٖ<br>(سيپارو: 4، سورة آلِ عمران: 102) | ترجمو ڪنزالعرفان: اللہ کان ڊڄو جيئن ان کان ڊڄڻ جو حق آهي |

بانهي کي ڇا چوڻو آهي؟ لَبَّيْكَ اَللّٰهُمَّ لَبَّيْكَ مان حاضر آهيان، اي اللہ مان حاضر

آهيان.

لَا تَاْكُلُوا الرِّبٰوا (سيپارو: 4، سورة آلِ عمران: 130) | ترجموكنز العرفان: وياج نہ کائو

ٻانهي کي ڇا چوڻو آهي؟ لَبَّيْكَ اَللّٰهُمَّ لَبَّيْكَ مان حاضر آهيان، اي الله مان حاضر آهيان.

ربّ فرمائي ٿو:

لَا تَكُوْنُوْا كَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا (سيپارو: 4، سورة آلِ عمران: 156) | ترجمو کنز العرفان: انهن ڪافرن وانگر نہ ٿجو

ٻانهي کي ڇا چوڻو آهي؟ لَبَّيْكَ اَللّٰهُمَّ لَبَّيْكَ مان حاضر آهيان، اي الله مان حاضر آهيان.

ربّ فرمائي ٿو:

لَا تَاْكُلُوْۤا اَمْوَالَكُمْ بَيْنَكُمْ بِالْبَاطِلِ (سيپارو: 5، سورة نساء: 29) | ترجمو کنز العرفان: پاڻ ۾ هڪٻئي جو مال ناحق نہ کائو

يعني رشوت نہ کائو، وياج نہ کائو، ناحق ٻئي جي مال تي قبضو نہ ڪيو، ٻانهي کي ڇا چوڻو آهي؟ لَبَّيْكَ اَللّٰهُمَّ لَبَّيْكَ مان حاضر آهيان، اي الله مان حاضر آهيان.

ربّ فرمائي ٿو:

اَطِيْعُوا اللّٰهَ وَاَطِيْعُوا الرَّسُوْلَ (سيپارو: 5، سورة نساء: 59) | ترجمو ڪنزالعرفان: الله جي اطاعت ڪريو ۽ رسول جي اطاعت ڪريو

ٻانهي کي ڇا چوڻو آهي؟ لَبَّيْكَ اَللّٰهُمَّ لَبَّيْك.

رب فرمائي ٿو:

اَوْفُوْا بِالْعُقُوْدِ (سيپارو: 6، سورة مائده: 1) | ترجمو ڪنزالعرفان: واعدا پورا ڪريو

ٻانهي کي ڇا چوڻو آهي؟ لَبَّيْكَ اَللّٰهُمَّ لَبَّيْك.

| | |
|---|---|
| اُذْكُرُوا اللّٰهَ ذِكْرًا كَثِيْرًا ﴿۴۱﴾<br>(سيپارو: 22، سورة احزاب: 41) | ترجموڪنزالعرفان: الله کي تمام گهڻو ياد ڪريو. |

ٻانهي کي ڇا چوڻو آهي؟ لَبَّيْكَ اَللّٰهُمَّ لَبَّيْك.

ربّ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَقُوْلُوْا قَوْلًا سَدِيْدًا ﴿۷۰﴾<br>(سيپارو: 22، سورة احزاب: 70) | ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ سڌي ڳالھ ڪندا ڪيو |

ٻانهي کي ڇا چوڻو آهي؟ لَبَّيْكَ اَللّٰهُمَّ لَبَّيْك.

ربّ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| لَا تُقَدِّمُوْا بَيْنَ يَدَيِ اللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ<br>(سيپارو: 26، سورة حُجرات: 1) | ترجموڪنزالعرفان: الله ۽ ان جي رسول کان اڳتي نہ وڌو |

ٻانهي کي ڇا چوڻو آهي؟ لَبَّيْكَ اَللّٰهُمَّ لَبَّيْك.

ربّ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَتَبَتَّلْ اِلَيْهِ تَبْتِيْلًا ﴿۸﴾<br>(سيپارو: 29، سورة مزمل: 8) | ترجموڪنزالعرفان: ۽ سڀني کان جدا ٿي فقط انهي جو ٿي رھ. |

ٻانهي کي ڇا چوڻو آهي؟ لَبَّيْكَ اَللّٰهُمَّ لَبَّيْكَ مان حاضر آهيان، اي الله مان حاضر آهيان.

مطلب تہ...! الله ڪريم پنهنجي ٻانهن کي جيترا احڪام ارشاد فرمايا، جيترين ڳالهين کان منع فرمايو، ٻانهو روزانو صبح جي وقت اٿي ڪري، ان جو اظهار ڪري، ان جو اقرار ڪري ۽ چئي: لَبَّيْكَ اَللّٰهُمَّ لَبَّيْكَ يعني الله پاڪ جيترا تنهنجا

احڪام آهن، مان سيني تي مٿو جهڪايان ٿو، تو جيترين ڳالهين کان منع ڪيو آهي انهن سيني کي مڃان ٿو.

الله پاڪ! اسان کي تعليمِ مصطفٰي جي مطابق روزانو صبح جو هي دعا پڙهڻ ۽ صحيح معنٰي ۾ ان جي تقاضن تي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

عمل کا ہو جذبہ عطا یاالٰہی! | گناہوں سے مجھ کو بچا یاالٰہی!
میں پانچوں نمازیں پڑھوں باجماعت | ہو توفیق ایسی عطا یاالٰہی!

## عملي طور ربّ جي حضور مٿو جهڪائڻ جون برڪتون

اي عاشقانِ رسول! الله پاڪ اسان جو ربّ آهي، ان اسان کي پيدا ڪيو آهي، زندگي عطا ڪئي، اسان ڏسندا آهيون ته ان جي عطا ڪيل اک سان ڏسندا آهيون، ٻڌندا آهيون ته ان جي عطا ڪيل ڪنن سان ٻڌندا آهيون، پڪڙيندا آهيون ته ان جي عطا ڪيل هٿن سان پڪڙيندا آهيون، ان ئي ساهه جي نعمت عطا ڪئي، ان ئي هلڻ جي طاقت بخشي، ان ئي اسان جي لاءِ زمين جو فرش وڇايو، ان ئي نيري آسمان جي ڇت ٺاهي، اسان جو ربّ رحمٰن ۽ رحيم ئي آهي جو اسان جي لاءِ مينهن وسائيندو آهي، ٻج مان وڻ ٺاهيندو ۽ اسان کي ميوو عطا فرمائيندو آهي، ان ئي اسان کي هزارين، لکين، ڪروڙين بلڪ ايتريون نعمتون عطا فرمايون آهن جو اسان ڳڻپ ڪرڻ به چاهيون ته نه ٿا ڳڻي سگهون.

اندازو ڪريو! جنهن ربّ ڪريم بنا گهرڻ جي اسان کي ايترو ڪجهه عطا فرمايو آهي، جڏهن اسان ان ربِّ رحمٰن جي احڪامن جي اڳيان مٿو جهڪائينداسين ته هو مهربان ربّ اسان تي ڪهڙيون ڪهڙيون نوازشون فرمائيندو.

## اڏامڻ واري ديڳ جو عجيب واقعو

حضرت بِڪربن عبد الله رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: اڳي ماڻهن ۾ هڪ بادشاهه هو، جيڪو غيرمسلم به هو ۽ تمام وڏو ظالم به هو، ان دور جا جيڪي ايمان وارا

هئا، انهن سان بادشاھ جي جنگ ٿي، بادشاھ کي زبردست شڪست جو منهن ڏسڻو پيو، ايمان وارن کي الله پاڪ ڪاميابي عطا فرمائي، پوءِ ان بادشاھ کي قيد ڪيو ويو، هاڻي ان بادشاھ جي بابت صلاح مشورو ٿيو ته هي بادشاھ تمام وڏو ظالم آهي، هن ماڻهن تي تمام گهڻا ظلمَ ڪيا آهن ۽ غير مسلم به آهي، هن کي سخت کان سخت سزا ڏني وڃي. صلاح مشوري کان بعد هي طئي ٿيو ته باھ ٻاري وڃي، ان تي هڪ وڏي ديڳ رکي ڪري بادشاھ کي ان ديڳ ۾ وڌو وڃي، ائين بادشاھ سڙي ڪري دردناڪ موت مري ويندو. ان مشوري تي عمل ڪيو ويو باھ ٻاري وئي، باھ جي مٿان ديڳ لٽڪائي وئي ۽ بادشاھ کي ان ۾ وڌو ويو، آهسته آهسته ديڳ گرم ٿيڻ شروع ٿي، ديڳ گرم ٿي ته ان جي گرمائش سان بادشاھ جو جسم سڙڻ لڳو، هاڻي بادشاھ پنهنجي ڪوڙن خدائن (يعني جن جي عبادت ڪندو هو انهن) کي هڪ هڪ ڪري پڪارڻ لڳو ظاهر آهي اهي خدا ڪوڙا هئا، اهو بادشاھ ڌوکي ۾ هو جن جي اڳيان سڄي زندگي مٿو جهڪائيندو رهيو اهي حقيقت ۾ خدا هئا ئي نه، اهي مدد ڪيئن ڪن، بادشاھ هڪ هڪ کي پڪاريندو رهيو پر ڪنهن جي به طرفان جواب نه آيو، ان جي ڪوڙن خدائن مان ڪو به ان کي بچائي نه سگهيو، هاڻي بادشاھ جي دل ۾ خيال آيو، بادشاھ آسمان ڏي نگاھ ڪنئي ۽ بلند آواز سان پڙهڻ شروع ڪيائين: لَااِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ، لَااِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ يعني اهو بادشاھ پنهنجي ڪردار سان، پنهنجي عمل سان هي اظهار ڪري رهيو هو ته اي الله پاڪ! مان سڄي زندگي ڌوکي ۾ رهيس، مان شرڪ ۾ مبتلا رهيُس، مان ڪوڙن خدائن کي تنهنجو شريڪ ڪندو رهيُس، مان ڪوڙن خدائن جي اڳيان سجدي ۾ جهڪندو رهيُس، پنهنجي پيشاني انهن جي اڳيان جهڪائيندو رهيُس، پر اي ربِّ ڪريم! اي حقيقي ربِّ ڪريم! اڄ مان سمجهي چڪو آهيان اهي سيئي ڪوڙا هئا، اي الله پاڪ! اڄ مان تنهنجي اڳيان مٿو جهڪايان ٿو، تنهنجي حضور حاضر ٿيان ٿو، ڄڻ ته اهو بادشاھ پنهنجي عمل سان هي چئي رهيو هو: لَبَّيْكَ اَللّٰهُمَّ لَبَّيْكَ مان حاضر آهيان، اي الله مان حاضر آهيان. مان شرڪ کي ڇڏيان ٿو، مان ڪفر کي ڇڏيان ٿو ۽ مان پنهنجن

باطل عقيدن کي ڇڏي ڪري تنهنجي بارگاهه ۾ حاضر ٿي ڪري اقرار ڪريان ٿو: لَااِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ (ڪو عبادت جي لائق ناهي پر صرف الله) هاڻي بادشاهه جڏهن لَااِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ پڙهڻ شروع ڪيو، حضرت بِڪر بن عبد الله رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡه فرمائن ٿا: الله پاڪ ايڏو مينهن وسايو جو سڄي باهه وسامي وئي، پوءِ اوچتو تيز طوفان هليو، ايترو تيز طوفان هليو جو بادشاهه سميت پوريءَ ديڳ کي اڏرائي ڪٽي ويو، هاڻي ديڳ اڏامي پئي بادشاهه ان ديڳ جي اندر آهي ۽ پڙهي رهيو آهي: لَااِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ ، لَااِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ ايئن ئي بادشاهه پڙهندو رهيو ۽ طوفان ان کي ۽ ديڳ کي پري هڪ ڳوٺ ۾ ڪٽي وئي، جنهن ڳوٺ ۾ وڃي ديڳ زمين تي لٿي، اهو ڳوٺ غير مسلمن جو ڳوٺ هو، هاڻي جڏهن غير مسلمن لَااِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ جون صدائون ٻڌيون، ته پڇي ڪري تلوارون مياڻ مان ڪڍي آيا، پر جڏهن انهن ڏٺو ته هڪ ديڳ اڏامي آئي آهي ان ۾ هڪ شخص آهي اهولَااِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ جو وِرد ڪري رهيو آهي، ته انهن کي ڪجهه حيراني ٿي ته هيءَ ديڳ ڪيئن اڏامندي آئي، ته انهن بادشاهه کان سڄي ڪهاڻي پڇي؟ سڄو واقعو پڇيو؟ جڏهن بادشاهه پنهنجو سڄو واقعو ٻڌايو ته غير مسلمن جو سڄو ڳوٺ ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويو.[1] سُبۡحانَ الله!

اي عاشقانِ رسول! هاڻي هن واقعي ۾ ٿورو غور ڪريو...! هڪ اهڙو شخص جنهن سڄي زندگي ڪفر ۾ گذاري ڇڏي، سڄي زندگي جنهن شرڪ ۾ گذاري ڇڏي، جنهن سڄي زندگي ظلم ڪندي مال ۽ دولت جي محبت ۾، عيش ۽ آرام ۾ گذاري ڇڏي، هڪ ڀيرو به ربّ جي حضور مٿو نه جهڪايائين، ان ٻانهي جڏهن هڪ ڀيرو پاڻ کي ربّ جي بارگاهه ۾ پيش ڪيو ۽ اقرار ڪيو ته اي الله! مان سڄي زندگيءَ جي شرڪ کي ڇڏي ڪري اڄ تنهنجي بارگاهه ۾ حاضر ٿيان ٿو ۽ هن اظهار جي لاءِ ڪلمۂ طيّب لَااِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ پڙهيو ته ربّ ڪريم غيب مان ان جي حفاظت جو سامان ڪري ڇڏيو. ٿورو غور ڪريو...! جنهن شخص پيدا ٿيندي ئي پنهنجي ڪنن ۾ پنهنجي پيدا ڪرڻ واري پاڪ پروردگار جو نالو

1 عيون الحڪايات، جلد:1، صفحه:86

مبارڪ ٻڌو هجي، الله اڪبر، الله اڪبر جون صدائون ٻڌيون هجن، لَآاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ جو مبارڪ آواز ٻڌو هجي، جيڪو پيدائش کان وٺي هن وقت تائين آهي ئي مسلمان، جڏهن اهو چوندو: لَبَّيْكَ اَللّٰهُمَّ لَبَّيْكَ مان حاضر آهيان، اي الله! مان حاضر آهيان، اي الله! مون ڪڏهن بہ شرڪ ناهي ڪيو پر مان تنهجي هر حڪم کي مڃڻ جي لاءِ تيار آهيان تہ ان کي ربّ ڪريم ڪهڙا ڪهڙا انعامَ عطا فرمائيندو.

## ربّ جي رضا جي لاءِ حڪومت ڇڏي ڏني

حضرت ابراهيم بن ادهم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي توبھ جو واقعو نهايت خوبصورت آهي، حضرت ابراهيم بن ادهم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اميرزاده هئا، ڪجھ روايتن مطابق پاڻ بلخ جا شهزادا هُيا هڪ پيري پنهنجي محل جي ويجهو ئي ڪٿي تشريف فرما هئا. هڪ شخص آيو ۽ اهو محل جي اندر داخل ٿيڻ چاهي پيو ان کان پڇيو ويو: ڪيڏانهن وڃڻ چاهين ٿو؟ ڪهڙي ڪم سان آيو آهين؟ چوڻ لڳو: مان مسافر خاني ۾ آيو آهيان، رات گذارڻ چاهيان ٿو. ان کي چيو ويو: هي مسافر خانو تہ ناهي هي تہ شهزادي جو محل آهي، ان شخص چيو: پيلا ٻڌايو تہ هي ڪنهن جو محل آهي؟ چيو ويو: ابراهيم بن ادهم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو، پڇيو ويو ابراهيم بن ادهم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان پهريان هتي ڪير هو؟ چيو ويو ان جو والد، ان کان پهريان ڪير هو؟ ان جو والد، ان کان پهريان ڪير هو؟ ان جو والد، تہ چيائين مسافر خانو ان کي ئي تہ چئبو آهي تہ هڪ اچي هڪ هليو وڃي هي مسافر خانو ئي تہ آهي ابراهيم بن ادهم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سڀ ڳالھ ٻڌي رهيا هئا هي ڳالھ ٻڌي ڪري سندن دل تي هڪ چوٽ لڳي، پاڻ ان شخص جي پويان پويان هلڻ لڳا ۽ پڇيائون: ڀاءُ توهان ڪير آهيو؟ ان شخص جواب ڏنو: مان خضر آهيان ۽ توهان کي توهان جي ربّ جي رستي تي هلائڻ آيو آهيان(يعني توهان هن ڪم جي لاءِ پيدا نہ ٿيا آهيو، شهزادو بڻجي ڪري عيش ۽ آرام ۾ ربّ جي نافرمانين ۾، ربّ کان پري رهي ڪري زندگي گذارڻ جي لاءِ پيدا نہ ٿيا آهيو، جنهن ڪم جي لاءِ پيدا ٿيا آهيو ان ڪم تي لڳائڻ جي لاءِ آيو آهيان.) حضرت ابراهيم بن ادهم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه عرض ڪيو: نيڪ آهي مان توهان سان گڏ هلان ٿو، توهان جيڪو رستو ٻڌايو ٿا مان ان تي هلان ٿو پر منهنجا ڪجھ

دنياوي ڪم آهن، مان شهزادو آهيان، مصروفيتون آهن، تمام گهڻا ڪم آهن، مان اهي ڪم پورا ڪري پوءِ اچان ٿو، حضرت خضر عليہ السلام جن فرمايو: نہ، جيڪو ڪم مان توهان کي چئي رهيو آهيان ان کان وڌيڪ جلدي وارو ڪو ڪم ناهي سڀ ڪان پهريان هي ڪم پوءِ ٻيا ڪم.

تا کارِ جہاں رَاسْت کِنِیْ دِیْر شَوَدْ

جيستائين توهان دنيا جا ڪم ختم ڪندؤ ان وقت تائين تمام گهڻي دير ٿي چڪي هوندي تنهنڪري هاڻي هتان ئي هلو، بهرحال حضرت ابراهيم بن ادهم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه حضرت خضر عَلَيْهِ السَّلَام سان گڏ هلڻ لڳا، جهنگل جي طرف نڪري ويا رستي ۾ هڪ ڏنار مليو پاڻ جيڪو شاهاڻو لباس پاتو هو اهو لاهي ڪري ان ڏنار کي ڏنائون ۽ ان جو لباس جيڪو ڦاٽل پراڻو هو پاڻ پائي ڪري جهنگل جي طرف هليا ويا.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! هي موقعو هو جڏهن حضرت ابراهيم بن ادهم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه عملي طور تي لَبَّيْكَ اَللّٰهُمَّ لَبَّيْكَ چيو، يعني جنهن ڪم جي لاءِ انسان دنيا ۾ آيو آهي يعني ربّ جي عبادت ڪرڻ، نيڪيون ڪرڻ، آخرت جو فڪر ڪرڻ، آخرت جي لاءِ نيڪين جو ذخيرو گڏ ڪرڻ، حضرت ابراهيم بن ادهم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ان ۾ مصروف ٿي ويا، هاڻي ڏسو...! حضرت ابراهيم بن ادهم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه عملي طور تي پنهنجي ربّ جي بارگاه ۾ اقرار ڪيو: لَبَّيْكَ اَللّٰهُمَّ لَبَّيْكَ پاڻ هي زبان سان نہ چيو، پنهنجي عمل سان ان ڳالھ جو اظهار ڪيو، تہ مليو ڇا؟

## محيون سوَ جون سُيون ڪٽي ڪري حاضر ٿيون

حضرت شيخ فريد الدّين عطار رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن حضرت ابراهيم بن ادهم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه درياءِ دجلہ جي ڪناري ويهي پنهنجي لباس کي جيڪو ڪنهن جاءِ تان ڦاٽي پيو هو سُئيءَ سان سبڻ لڳا. هڪ شخص پرسان گذريو اهو حضرت

---

1 سبع سنابل، صفحہ:221-222۔

ابراهيم بن ادهم رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کي پراڻي زماني کان سُڃاڻيندو هو ان کي خبر هئي تہ هي پهريان شهزادو هوندو هو، پوءِ انهن بادشاهت ڇڏي ڏني ۽ ربّ جي رستي تي هلڻ لڳا جڏهن ان شخص حضرت ابراهيم بن ادهم رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کي درياءِ دجلہ جي ڪناري تي ويهي پنهنجي لباس کي پيوند لڳائيندي ڏٺو تہ چيائين: اي ابراهيم حڪومت ڇڏي ڪري توهان ڇا حاصل ڪيو؟ هڪ لباس اهو بہ ڦاٽل پراڻو ۽ ان کي بہ پنهنجن هٿن سان چتيون هڻي رهيا آهيو، پهريان شاهاڻو لباس هوندو هئي، چوڌطرف سوين خادم هوندا هئا، انهن کي ڇڏي ڪري ڇا حاصل ڪيو؟ حضرت ابراهيم بن ادهم رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جڏهن هي ٻڌو تہ پنهنجي سُئي درياءَ ۾ اڇلائي ۽ پوءِ ارشاد فرمايائون: اي مڇيون! منهنجي سُئي واپس ڪيو، هي ٻڌڻ جي دير هئي مڇيون پنهنجي وات ۾ سونَ جون سُيون کڻي ڪري پاڻي جي سطح تي اچي ويون، حضرت ابراهيم بن ادهم رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمايو: مونکي هيءَ نہ مونکي پنهنجي سُئي کپي، تہ هڪ مڇي پنهنجي وات ۾ حضرت ابراهيم بن ادهم رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي سُئي کڻي ڪري حاضر ٿي پاڻ ان کان سُئي ورتي ۽ ان شخص کي ارشاد فرمايائون: اي شخص! مون حڪومت ڇڏي ڪري هيءُ حاصل ڪيو آهي.[1]

وه کہ اس دَر کا ہوا خلقِ خدا اس کی ہوئی | وه کہ اس دَر سے پِھرا اللہ ہی سے پھر گیا[2]

## ربّ جي رحمت تمام گهڻي وسندي آهي

هيءَ حقيقت آهي جڏهن ٻانهو حقيقت ۾ عملي طور تي هي چوندو آهي: لَبَّيۡكَ اَللّٰهُمَّ لَبَّيۡكَ پوءِ سڀ ڪجهہ ڇڏي ڪري ربّ جو ٿي ويندو آهي، جڏهن ٻانهو اقرار ڪري وٺندو آهي مان حاضر آهيان، اي الله! مان حاضر آهيان، صرف انهن ڪمن ۾ مصروف رهندو آهي جيڪي ربّ جي رضا وارا آهن، جن ڪمن جو ربّ منع فرمايو آهي انهن کان بچندو آهي، جنّت واري رستي تي هلندو آهي، جهنّم

1 تذكرة الاولياء، ابراہيم بن ادہم، صفحہ:82۔
2 حدائق بخشش، صفحہ:53

۾ وني وڃڻ وارن ڪمن ڪان بچندو آهي ته ربِ ڪريم پوءِ نوازيندو آهي، بخاري شريف ۾ هڪ حديث قدسي آهي: الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو: إِنْ تَقَرَّبَ إِلَيَّ بِشِبْرٍ تَقَرَّبْتُ إِلَيْهِ ذِرَاعًا يعني جيڪڏهن ٻانهو منهنجي طرف هڪ گرانٺ به وڌندو آهي ته مان ان جي طرف هڪ گز وڌندو آهيان، وَإِنْ تَقَرَّبَ إِلَيَّ ذِرَاعًا تَقَرَّبْتُ إِلَيْهِ بَاعًا ۽ هڪ ٻانهو جڏهن منهنجي طرف هڪ گز وڌي ته مان ان جي طرف هڪ ميل وڌي ويندو آهيان، وَإِنْ أَتَانِي يَمْشِي أَتَيْتُهُ هَرْوَلَةً ۽ جيڪڏهن ٻانهو مون ڏي هلي ڪري اچي ته مان ان ڏي ڊوڙي ڪري ايندو آهيان.[1]

مطلب هي ته جڏهن ٻانهو ربّ جي رضا وارن ڪمن جي طرف ٿورو قدم وڌائيندو آهي ته ربّ ڪريم جي رحمت وڌيڪ اڳتي ايندي آهي، جڏهن ٻانهو گرانٺ ربّ جي رضا وارن ڪمن جي طرف وڌندو آهي ته ربِ ڪريم جي رحمت هڪ گز ان جي طرف ايندي آهي، جڏهن ٻانهو ربّ جي رضا وارن ڪمن ۾ هڪ گز جيترو وڌندو آهي ته ربّ جي رحمت هڪ ميل جي برابر (يعني هن ڪان ڪيئي ڀيرا وڌيڪ ان جي طرف وڌندي آهي) جڏهن ٻانهو آهسته آهسته ربّ جي رضا وارن ڪمن جي طرف وڌندو آهي ته ان جي رحمت ڇڻ ته ڊوڙي ڪري ان ٻانهي جي طرف ايندي آهي. ٿورو اندازو لڳايو ته هي ڪيڏي خوش قسمتي جي ڳالهه آهي...! اسان ربّ جي رضا وارن ڪمن جي طرف وڌون ته سهي ته ربّ جي رحمت اسان جي مٿان ڪيڏي وسندي.

## الله پاڪ! پنهنجن ٻانهن کي فرمائي ٿو

حضرت علامه ابن رَجَبْ حنبلي رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَيۡه هڪ روايت نقل ڪن ٿا: ته الله ڪريم هر روز پنهنجن ٻانهن کي پڪاريندو آهي ۽ هيءَ عبرتناڪ پڪار آهي هن کي دل جي ڪنن سان ٻڌو ۽ هن کي پنهنجي دل ۾ سمايو جو اسان کي روزانو کهڙي عبرتناڪ پڪار ٿئي ٿي. فرمايائون: الله پاڪ روزانو پنهنجن ٻانهن کي

---

1 بخاری ، کتاب التوحید، باب ما یذکر فی الذات، صفحہ:1787، حدیث:7405۔

پڪاريندو آهي ۽ فرمائيندو آهي: ابنِ آدم! ماانصفتنی اي ابنِ آدم! تو مون سان انصاف ناهي ڪيو، اذکرك و تنسانی مان توکي ياد ڪندو آهيان تو مونکي وساري ڇڏيندو آهين، وادعوك علی فتذهب الی غيری مان توکي پنهنجي طرف سڏيندو آهيان تون ٻين جي طرف ويندو آهين، وا ذهب عنك البلايا و عن تعکف الخطايا مان توکان بلائون دور ڪندو آهيان ۽ تون خطائن تي مضبوط رهندو آهين، اي آدم جي اولاد! ما اعتذارك غدا اذا جئتنی جڏهن تنهنجو هي حال آهي ته مان توکان بلائون دور ڪندو آهيان تون خطائن تي رهندو آهين، مان توکي ياد ڪندو آهيان تون مونکي وساريندو آهين، مان توکي پڪاريندو آهيان تون ٻين جي طرف ويندو آهين، جڏهن تنهنجو هي حال آهي (ته پوءِ) سڀاڻي قيامت جي ڏينهن جڏهن تون منهنجي بارگاهه ۾ ايندين ته تو وٽ ڪهڙو عذر هوندو.[1]

هيءَ ڪهڙي عبرتناڪ پڪار آهي. ڪاش! اسان هن کي سمجهون ۽ عملي طور پنهنجي ربّ ڪريم جي بارگاهه ۾ حاضر ٿي وڃون، هر روز هڪ هي ته اسان جي آقا ۽ مولا مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جيڪا دعا جي تعليم ارشاد فرمائي آهي، ان دعا کي پڙهڻ جو پنهنجو ذهن بڻايون، روزانو جي عادت بڻايون، جڏهن صبح جو اٿون ته ذوق ۽ شوق سان هي دعا پڙهون، پنهنجي ربّ جي بارگاهه ۾ عرض ڪريون: لَبَّيْكَ اَللّٰهُمَّ لَبَّيْكَ وَسَعْدَيْكَ وَالْخَيْرُ فِي يَدَيْكَ مان حاضر آهيان، اي الله! مان حاضر آهيان. سعادت تنهنجي ئي طرف ڪان آهي، مان توکان سعادت جو سوال ڪريان ٿو، سڀئي ڀلايون تنهجي ئي دستِ قدرت ۾ آهن. زبان سان هيءَ دعا پڙهون ۽ گڏوگڏ ان تي عمل جي به نيّت ڪريون عملي طور اسان هي اظهار ڪريون ته اي الله! مان حاضر آهيان تو جيڪو حڪم ارشاد فرمايو آهي مان ان تي مٿو جهڪايان ٿو. الله ڪريم اسان سڀني کي عمل جي توفيق

1 شرح حديث لبيک اللهم لبيک،صفحه:27

نصيب فرمائي. اٰمِيۡن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: مدني قافلو

اي عاشقانِ رسول! اڄوڪي هن فتنن واري دور ۾ ربّ جي رضا وارن ڪمن ۾ مصرورف هئڻ، نيڪيون ڪمائڻ، الله پاڪ جي ناراضگي وارن ڪمن کان بچڻ نيڪيون ڪمائڻ، گناهن کان بچڻ، توبهه ڪرڻ ۽ توبهه تي استقامت حاصل ڪرڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو ذيلي حلقن جي 12 ديني ڪمن ۾ خوب ذوق ۽ شوق سان وڌي ڪري حصو وٺو. اِنۡ شَآءَ اللهُ الۡكَرِيۡم! دين ۽ دنيا جون بي شمار برڪتون ملنديون. ذيلي حلقي جي 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: مدني قافلو بہ آهي. اچو ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا:

## نشي جي بُري عادت ڇڏجي وئي

جيڪب آباد جي علائقي سان تعلق رکڻ واري اسلامي ڀاءُ جو بيان ڪجھ هن طرح آهي: پهريان مان غلط عقائد رکڻ وارو ۽ اخلاقي برائين جي اونهي کڏ ۾ دٻيل هئس، روزانو رات جو 8 کان 12 وڳي تائين ڀنگ، چرس ۽ شراب وغيره جو نشو ڪندو هئس، پوءِ بدمست ٿي ڪري گهر پهچندو ۽ بي خبر ٿي سمهي رهندو هئس. امڙ منهنجي حالت ڏسي روئيندي رهندي هئي ۽ مونکي سمجهائيندي هئي پر مون تي ٿورو بہ اثر نہ ٿيندو هو، پوءِ تقريباً 2010ء ۾ اسان جي علائقي ۾ سيلاب آيو تہ اسان هڪ محفوظ جڳهہ تي پناهہ ورتي. اتي مان تمام گهڻو بيمار ٿي پيس، منهنجي خوش نصيبي جو انهي دوران منهنجي ملاقات دعوتِ اسلامي سان وابستہ هڪ اسلامي ڀاءُ سان ٿي وئي، جن جي انفرادي ڪوشش جي نتيجي ۾ زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو مونکي مدني قافلي ۾ سفر جي توفيق نصيب ٿي. الحمد لله! مدني قافلي جي برڪت سان

بد عقيدگي ۽ نشي جي بُري عادت کان توبهه جي توفيق به ملي وئي، بيان ڏيڻ وقت جامعةُ المدينہ ۾ درجہ ثانيہ (يعني ٻئي سال 2nd Year) جو طالِبِ علم آهيان.[1]

اچّھی نیّت کا پھل پاؤگے بے بدل — سب کرو نیّتیں قافلے میں چلو
دُور بیماریاں اور ناداریاں ہوں — ٹلیں مشکلیں قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ايپليڪيشن جو تعارف

اي عاشقانِ رسول! الحمد لله! دعوتِ اسلامي جي آئي ٽي ڊيپارٽمنٽ جي طرفان عوام جي سهولت ۽ امّتِ مصطفٰي جي غمخواري جي لاءِ موبائل ايپلي ڪيشن Online rohani ilaj & istikhara متعارف ڪرائي آهي هن ايپليڪيشن جي مدد سان اوهان ❁آن لائن استخارو ڪرائي سگهو ٿا ❁ بيماري، نظرِبد، جادو، جنّات، وغيره مسائل جي حل جي لاءِ في سبيل لله تعويذات حاصل ڪري سگهو ٿا ❁آن لائن ڪاٽ به ڪرائي سگهو ٿا. وڌيڪ هن ايپلي ڪيشن ۾ ❁بيماري ❁غربت ❁غم، پريشاني ❁ ۽ آفتن ۽ مصيبتن کان حفاظت جي مختلف وظائف به شامل آهن. پنهنجي اسمارٽ فون ۾ هي ايپليڪيشن ڊاؤن لوڊ ڪري وٺي! پاڻ به فائدو حاصل ڪيو ۽ ٻين کي به ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجهه زندگيءَ جا آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی کَانَ مَعِی فِی الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون

1 بد شگوني، صفحہ:112

سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## نِڇَ اچڻ جون سنّتون ۽ آداب

ٻہ فرامينِ مصطفٰي صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: (1): **الله پاڪ کي نڇ پسند آهي**[2] (2): **جڏهن ڪنهن کي نڇ اچي ۽ هو** اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ **چئي تہ ملائڪ چوندا آهن:** رَبِّ الْعٰلَمِيْن، ۽ **جيڪڏهن هو** رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ **چوندو آهي تہ ملائڪ چوندا آهن:** يَرْحَمُكَ اللّٰهُ **يعني الله پاڪ توتي رحم فرمائي.**[3]

اي عاشقانِ رسول! نڇ اچڻ وقت مٿو جهڪايو، وات ڍڪيو ۽ آواز هوريان ڪيو، نڇ جو آواز بلند ڪرڻ حماقت آهي۞نڇ اچڻ تي اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ چوڻ گهرجي بهتر هي آهي تہ اَلْحَمْدُ لله رَبِّ الْعٰلَمِيْن يا اَلْحَمْدُ لله عَلٰى كُلِّ حَال چئي ۞ ٻڌڻ واري تي واجب آهي تہ فوراً يَرْ حَمُكَ الله (يعني الله پاڪ توتي رحم فرمائي) چئي. ۽ ايتري آواز سان چئي جو نڇ ڏيڻ وارو پاڻ ٻڌي وٺي۞ جواب ٻڌي ڪري نڇ ڏيڻ وارو چئي: يَغْفِرُ اللّٰهُ لَنَا وَلَكُمْ (يعني الله پاڪ اسان جي ۽ توهان جي مغفرت فرمائي) يا هي چئي: يَهْدِيْكُمُ اللّٰهُ، وَ يُصْلِحُ بَالَكُمْ (يعني الله پاڪ توکي هدايت ڏي ۽ تنهنجو حال درست ڪري) ۞ جيڪو نڇ اچڻ تي اَلْحَمْدُ لله عَلٰى كُلِّ حَال چئي ۽ پنهنجي زبان سيني ڏندن تي ڦيريندو ڪري تہ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ڏندن جي بيماري کان محفوظ رهندو ۞ حضرت مولاءِ ڪائنات، عليُّ الْمُرْتَضٰي رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: جيڪو نڇ اچڻ تي اَلْحَمْدُ لله عَلٰى كُلِّ حال چئي تہ

---

1 مشڪوٰة،ڪتابُ:الْايمان،بابُ:الْاعْتِصَام، جلد:1، صفحہ:55، حديث:175۔
2 بخاری، ڪتاب:الادب، باب:ما يَستحب من العطاس ، صفحہ:1540، حديث:6223۔
3 معجم ڪبير، جلد:6، صفحہ:13، حديث:12117

اهو ڏاڻ ۽ ڪن جي سورَ ۾ ڪڏهن بہ مبتلا نہ ٿيندو ۞ ڇڪ ڏيڻ واري کي گهرجي تہ زورَ سان حمد چئي ان ڪري جو ڪير ٻڌي ۽ جواب ڏئي ۞ ڇڪ جو جواب هڪ ڀيري واجب آهي، ٻيو ڀيرو ڇڪ اچي تہ هو اَلْحَمْدُ لله چئي تہ ٻيو ڀيرو جواب واجب ناهي بلڪ مستحب آهي ۞ جواب هن صورت ۾ واجب ٿيندو جڏهن ڇڪ ڏيڻ وارو اَلْحَمْدُ لله چئي ۽ حمد نہ ڪري تہ جواب ناهي ۞ خطبي جي وقت ڪنهن کي ڇڪ آئي تہ ٻڌڻ وارو ان کي جواب نہ ڏئي ۞ گهڻا اسلامي ڀائر هجن تہ ڪجهہ حاضرين جواب ڏئي ڇڏيو تہ سڀني جي طرفان واجب ادا ٿي ويو پر بهتر هي آهي تہ سڀ جواب ڏين ۞ پٺ جي پويان ڪنهن کي ڇڪ آئي ۽ ان اَلْحَمْدُ لله چيو تہ ٻڌڻ وارو ان جو جواب ڏئي ۞ نماز ۾ ڇڪ اچي تہ سڪوت ڪري (يعني خاموش رهي) ۽ اَلْحَمْدُ لله چئي ڇڏيائين تڏهن بہ نماز ۾ حرج ناهي ۽ جيڪڏهن ان وقت حمد نہ ڪيائين تہ فارغ ٿي ڪري چئي ۞ توهان نماز پڙهي رهيا آهيو ۽ ڪنهن کي ڇڪ آئي ۽ توهان جواب جي نيّت سان اَلْحَمْدُ لله چيو تہ توهان جي نماز ٽُٽي پئي ۞ ڪافر کي ڇڪ آئي ۽ ان اَلْحَمْدُ لله چيو تہ جواب ۾ يَهْدِيْكُمُ اللهُ (يعني الله پاڪ توکي هدايت ڏي) چيو وڃي.

مختلف سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي ”بهارِ شريعت“ جلد:3، حصو: 16 ۽ شيخِ طريقت، امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو 91 صفحن جو رسالو ”550 سنتون ۽ آداب“ خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنتون سکڻ جو هڪ ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر پڻ آهي.

| | |
|---|---|
| غم کے بادل چھٹیں قافلے میں چلو | خوب خوشیاں ملیں قافلے میں چلو |
| رب کے در جُھکیں، اِلتجائیں کریں | بابِ رحمت کھلیں، قافلے میں چلو |

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِىِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ.